يُسرا عباسي

# سنڌي افسانو ۽ سماج

## Fiction Writing and the Sindhi Society

**Abstract**

Fiction literature is generally recognized as encompassing fifteen branches, which include fable, horror, mystery, science fiction, drama, fairy tale, historical fiction, novel, novella, poetry, romance, short story, inspirational fiction, fantasy, and legend. W ithin this broad category, the novel, fiction, and drama stand out prominently. Fiction writing is a unique form of storytelling that emphasizes precision and creates an impactful impression. For people, fiction serves as a medium for expressing emotions. It highlights various aspects of human life, feelings, and character. Typically, fiction features a limited number of characters and focuses on a specific event or occurrence. It creatively revolves around real human experiences, thereby reflecting society. In the context of the Sindhi language, fiction writing has been enriched through translations and literary studies from various South Asian languages, such as Bengali, Hindi, Marathi, and Urdu. These translations have been integrated with the local cultural context by Sindhi fiction writers, making them relatable rather than align to the language and society. This research paper examines how Sindhi writers have embraced this trend to produce their own unique fiction. It aims to illustrate how Sindhi fiction writing authentically portrays the social life of Sindhi society and provides a detailed discussion of this topic.

**Keywords:** Fiction writing, Sindhi society, social reality, translations and fiction writing

ادب ۾ بنيادي طرح اظهار جا جيڪي وسيلا آهن، تن ۾ ڪلاسيڪل ادب، لوڪ ادب، شاعري، افسانوي ادب، غير افسانوي ادب سوانحي ادب ۽ ڊرامو شامل آهن. افسانوي ادب لاءِ fictional literature جو اصطلاح ڪتب آندو ويجي ٿو. لفظ فڪشن چوڏهين صديءَ ۾ لاطيني ٻوليءَ وسيلي انگريزي زبان جو حصو بڻيو، جنهن جي معنيٰ آهي ’خيالي يا جوڙيل‘. ان مطابق افسانوي ادب جي وصف هن ريت ڪري سگهجي ٿي ته، اهو ادب

جيڪو هڪ خيالي مرڪز تي بيٺل / ايجاد ڪيل هجي. جنهن وسيلي حقيقي زندگيءَ جي رهنمائي ممڪن بڻجي سگهي.

افسانوي ادب جون ڪُل پندرهن شاخون Fable, Horror, Mystery, Science fiction, Drama, Fairy tale, Historical fiction, Novel, Novella, Poetry. Romance, Short story, Inspirational fiction, Fantasy & Legend ڄاڻايون وڃن ٿيون. جن ۾ ناول، افسانو ۽ ڊرامو مکيه آهن. ناول کي هڪ حد تائين تصوراتي ميجي سگهجي ٿو ۽ افساني ڄِي اوائلي صورتن کي فڪشن چئجي، پر وقت گذرڻ ۾ هن صنف جي فني ترقيءَ کان پوءِ گهڻي قدر افسانو تخيل جي دنيا مان ٻاهر نڪري، حقيقت نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ سان هم قدم ٿيڻ لڳو.

ڪهاڻي اسان جي روزمرهه جي زندگيءَ جو اڻٽر حصو آهي. انسان جي هر ڳالهه ۾ ان جي وارتا سمايل هوندي آهي. ناول، مضمون، سفرناما، روزنامچا، خط، آتم ڪهاڻي، سوانح عمري، اخباري ڪالم، خبر ۽ تاريخ وغيره اهي سڀ صنفون نثر ۾ ڪنهن نه ڪنهن ريت حقيقي يا خيالي ڪهاڻيون بيان ڪن ٿيون. پر نظم کي ڏسجي ته اهو به ڪهاڻيءَ کان آجو نظر نه ايندو. ان ۾ به ڪهاڻيءَ جو اظهار نندي کان نندي ۽ وڏنڊڙ فارميٽ ۾ ملندو.

”شاهه صاحب نظم جي روپ ۾ افسانا چيا آهن ۽ اهو ئي سندن شهرت قابليت ۽ عظمت جو قوي دليل آهي.“ (1)

نيوز رپورٽنگ، ڊرامو فلم، ناٽڪ، ٿيٽر ۽ performing art سان لاڳاپيل جديد فنون لطيفه جو واسطو پڻ ڪهاڻيءَ سان ئي آهي. ڪهاڻيءَ جون هيئتون ادب جي هر شاخ ۾ ان جي گهُرجن، گهاڙيٽن ۽ فني عليحدگين سبب الڳ شڪلين، جدا هيئتن ۽ ڏار نالن سان سڃاڻجڻ ۾ اچن ٿيون. هاڻ ته خود ڪهاڻيءَ جا به ڪيترا ئي قسم ۽ نالا موجود آهن، جن جو هڪ وسيع دائره ڪار آهي. ڪهاڻيءَ جي مڙني قسمن مان هڪ، افسانو به آهي جنهن جي اهم خوبين ۾ اختصار، تاثر جي شدت ۽ اثرائتو پلاٽ شامل آهن. عام ماڻهو افساني کي پنهنجي احساسن جي اظهار لاءِ موزون ذريعو سمجهيو آهي.

## افسانو (پسمنظر)

دنيا جي مڙني تهذيبن ۾ افساني- ڏند ڪٿائن، قصن، داستانن، آکاڻين، لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪهاڻين مان جنم ورتو جيڪي هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ - ٻڌڻ سان رواج ۾ آيا. انسان سدائين حقيقي کان وڌ ان جي تخيل ۽ تصور سان محبت ڪئي آهي. ان جو ثبوت اسان کي فڪشن جي اصلوڪن مثالن ۾ ملي ٿو جنهن ۾ عقل يا سوچ کان بالاتر قصا موجود آهن. اوائلي حڪايتن ۾ پکين، جانورن، ۽ انسانن جي لاڳاپن، انهن جي هڪ ٻئي

سان تعلق، تعاون ۽ سمجهوتي جو اظهار يا وري ڪهاڻين ۾ خيالي ڳالهيون جهڙوڪ: ديوَ جِنَ، پريون ۽ مافوق الفطرت ڪردارَ چڱائي ۽ مدائيءَ جو سبق ڏيڻ سان گڏ نج خيالي بنيادن تي مدار رکندڙ سرگذشت محسوس ٿين ٿا. انهن حڪايتن جو مقصد حقيقت ۾ تہ انساني اصلاح جو آهي، پر بظاهر اهي حقيقت کان تمام پري ڏسجن ٿيون.

انساني زندگيءَ جي ترقيءَ سان گڏ ان جي تخليق بہ ارتقا ۽ بدلاءَ جو سفر طئي ڪيو آهي، جنهن ڪارڻ هر پراڻي شيءِ جي جاءِ ڪنهن نئين شيءِ والاري آهي ۽ ان نواڻ ئي انسان کي وڏ کان وڏ متاثر ڪيو آهي. قديم وقتن ۾ ڪهاڻيون اشارن جي صورت ۾ بهادريءَ جي داستانن طور رزميه، ڳاهہ لوڪ ڪهاڻين ۽ گيتن جي صورت ۾ موجود ملن ٿيون. غلام محمد گرامي پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب تاريخي افسانا ۽ ڊراما ۾ ڪهاڻي ۽ افساني جي وچ واري معمولي فرق کي هن ريت واضح ڪيو آهي تہ: ”ڪهاڻي ۽ افساني ۾ فرق رڳو اهو ئي رهي ٿو تہ ڪهاڻيءَ جا ڪردار محض خيالي ٿين ٿا، افساني جا ڪردار مثالي ٿين ٿا. اتي اچي افساني جي فني حيثيت ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ اثر انگيز ۽ دلچسپ ٿئي ٿي.“ (2) غور ڪجي تہ اها حقيقت مڃڻ لائق بہ آهي. ڪهاڻي، آکاڻيءَ جو جديد فارم آهي ۽ افسانو وري ڪهاڻيءَ جو. افسانو سچ پچ تہ مثالي ۽ آدرشي ڪردارن سان اڀريو جنهن آکاڻي يا ڪهاڻيءَ جي روايت پٺي کي نئين صورت بخشي.

”افساني جي عمل ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ هڪ توازن هوندو آهي، جا نهايت ضروري چيز آهي. ان جا سڀئي جزا پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڳتيل ٿيندا آهن ۽ ڪهاڻي پنهنجي پوري سلسلي سان ختم ٿيڻ واري مقرر هنڌ ڏانهن آهستگيءَ سان هلندي رهندي آهي.“ (3)
وقت گذرڻ سان انساني سماج، ڪلچر ۽ رهڻي ڪهڻي بدلي. ادب جا گهاڙيٽا، صنفون ۽ موضوع بہ تبديل ٿيا. افسانو ادب جي ان فني تبديليءَ جو هاڻوڪو رائج نمونو آهي. مختصر افسانو اڻويهين صديءَ جي نثري ادب جي صنف ۽ ڪهاڻيءَ جو نئون جنم آهي. ويهين صديءَ ۾ اها صنف پنهنجي اوج کي پهتي. ادبي ذوق رکڻ واري هر عام و خاص ماڻهوءَ جي پسنديده صنف رهي. ان صديءَ جي مشغول انسان، افساني کي پسند ڪيو ۽ ترجيح پڻ ڏني. ان وقت ۾ ئي آکاڻي ڦري، ڪهاڻيءَ جي ۽ ڪهاڻي وري افساني يا مختصر افساني جي شڪل اختيار ڪئي ۽ اختصار سبب نئون نالو نئين سڃاڻپ حاصل ڪيائين. افساني جي وصف کي افساني جي باني سڏجندڙ 'ايڊگر ايلن پو' هن ريت بيان ڪيو آهي.

> “In Poe’s estimation, a short story should be brief enough to be read in a single sitting, should end simultaneously with the climax of narrative, and should feature only a single mood.” (4)

”اٺويهين صديءَ جي آخر ۾ دنيا جي حالتن ۾ ڦيرو آيو. زندگيءَ ۾ تيزي اچي وئي، شعوري طور انسان حقيقت پسنديءَ طرف مائل ٿيو. صنعتي انقلاب ۽ سائنسي ترقي، انساني سوچ سمجهہ جو رخ موڙي ڇڏيو. ايشيا ۽ يورپ ۾ نيون سياسي تحريڪون اڀريون. ماڻهن جي پريشانين ۽ مسئلن ۾ اضافو ٿيندو ويو.“ (5) اها صدي اشاعتي نظام جي تيزيءَ سان گڏ افساني جي اوسر جو باقاعده محرڪ بڻي.

افساني جي فن ۽ تڪڙي پذيرائيءَ بابت شمس الدين عرساڻي جي هيءَ دلچسپ راءِ افساني کي زمان مڪان جي پابندين ۽ سرحدن جي لڪيرن کان آجو قرار ڏئي ٿي تہ: ”افسانوي ادب فعال، دلچسپ ۽ بامعنيٰ حقيقي فن هجڻ سان گڏ سموري انسان ذات جي گڏيل ميراث آهي. شاعري يا ٻي ڪنهن ادبي صنف لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اُها پنهنجي اصل صورت ۽ افاديت سميت ٻي زبان ۾ منتقل ٿي نہ ٿي سگهي. ليڪن افسانو ابتدا کان وٺي سموري دنيا ۾ آزاديءَ سان گهميو ڦريو آهي ۽ سيني ٻولين ۾ اهڙيءَ طرح رلي ملي ويو آهي.“ (6)

## سماج

فرد، سماج جو مضبوط بنيادي ايڪو آهي، جنهن کان سواءِ ڪو بہ سماج جڙي نہ ٿو سگهي. فرد جو فرد سان ميلاپ جوڙو ڇئبو. جوڙي جو ميلاپ ڪٽنب کي تشڪيل ڏئي ٿو. ڪٽنبن جو ڪٽنبن سان ميلاپ ويڙهو بڻبو. ويڙها پاڻ ۾ ملي قبيلو جوڙين ٿا. قبيلن جو اجتماع قوم کي تخليق ڪري ٿو. قوم تي مشتمل جيڪي بہ ماحول يا ڪائنات ۾ ماڻهو رهن ٿا، انهن کي سماج چئبو آهي.

## سنڌي سماج

انساني سماج جي ارتقا کان پوءِ سماجي انفراديت جو پهلو وجود ۾ آيو جنهن تحت ڪجهہ ننڍين وڏن گروهن کي علاقائي، جاگرافي، لساني، ۽ تاريخي بنيادن تي هڪ ٻئي کان ڌارَ سماج سمجهيو ويو ان تقسيم ۾ انسانن جي آبادي لاءِ بڻراجي علائقن هڪ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سماجن کي زرعي، ثقافتي ۽ تمدني موڙ انهن علائقن، تاريخي دڙن، پنهنجي آبن ڏاڏن ۽ سندن ورثن وٽان منتقل ٿِي مليو. ايئن هر سماج جي جدا ريتن رسمن، رهڻي، پوشاڪ، ٻولي ۽ ثقافت جي ڪري، ان کي الڳاءُ سان سڃاتو ويو. انهن اهڃاڻن وسيلي سنڌي سماجَ کي بہ ٻين سماجن جي ڀيٽ ۾ قدامت، شناخت، تشخص، تاريخ ۽ منفرد حيثيت حاصل ٿي. ان جداگانہ حيثيت جي حاصلات ۾ موهن جي دڙي جي ڌرتي همعصر سميري، بابلي ۽ ايراني تهذيبن کان گوءِ کٽي بيٺي. ”سنڌ، هن سجيءَ ڌرتيءَ تي اها خوش نصيب سر زمين آهي، جتي انساني تهذيب جا گل ۽ گئونچ هزارين ورهيہ اڳ ڦُٽا هئا.“ (7) قديم سنڌي سماج، سماجي زندگي جي ڏس ۾ بهترين مثال يا

معياري زندگي گذارڻ لاءِ هڪ آدرش طور دنيا جي تمام قديم توڙي جديد تهذيبن ۾ نمايان مقام رکيو ٿي.

> "Sindh was the site of one of the cradle civilizations, the Bronze Age Indus Valley civilisation that flourished from about 3000 B. C." (8)

موهن جي دڙي جي اهم خصوصيت ان سان لڳ سنڌوءَ جو وهڪرو آهي. درياهہ ۽ تهذيب جو پاڻ ۾ گهرو گهاٽو سنگم رهيو آهي. درياهن جا قدرتي وهڪرا زندگيءَ جي آبياري ڪندا آهن. درياهن جي ماٿرين ۾ بنا متيبد جي انسانن ڪي رهائش ملندي آهي. درياهن سبب انهن مان ڦٽندڙ ڍنڍون، تلاءَ، نديون، قدرتي هٿرادو چشمن ۽ مينهَن جي ڪثرت ڪارڻ وافر مقدار ۾ پاڻيءَ جي فراهمي زندگيءَ کي آسان ۽ يقيني بڻايو ٿي. سنڌو درياهہ هڪ عظيم تهذيب سنڌ کي جنم ڏنو. جنهن سماجي زندگي کي هٿي وٺرائي. قديم سنڌي سماج جا ماڻهو امن پسند هوندا هئا. اهو طاقتور سنڌي سماج هو جنهن ۾ نفرت يا شدت پسنديءَ جو ڪو بہ وجود نہ هو. اها خوبي اڳتي هلي سنڌي ماڻهن لاءِ هڪ وڏي نقصان طور سامهون آئي، جو هر ڌاري قوم مٿن مُسلط ٿيڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيندي هئي. طاقت، اختيار، گُر ۽ پنهنجي ڌرتي هوندي بہ هڪ وڏو عرصو سنڌي قوم / سنڌي ماڻهو ڌارين جي غلاميءَ هيٺ رهيا ۽ پُر امن سنڌي سماج ڪيترن ئي رخن کان متاثر ٿيو. جنهن سان هن سماج جي انفراديت کي ڇيهو رسيو. حملن جي ڪارڻ سنڌي سماج جو نج پڻو متاثر ٿيندو ٿي رهيو ۽ پوءِ هر دور جون روايتون سنڌ تي اثرائتيون ٿينديون آيون، پر اڄ بہ ان جي ڪيترين ئي ڳالهين توڙي روايتن ۾ اها اصلوڪي سماجي قدامت ۽ اعليٰ مثالي قدر موجود آهن.

ابتدائي سماجي زندگيءَ جي سکيا حاصل ڪندڙ قبيلا فطري ماحول جي ڏکيائين ۽ سختين کي منهن ڏيندي قدرتي ۽ جاگرافيائي حالتن کي برداشت ڪندي، مسلسل لڏپلاڻ ڪندا رهيا هئا. هڪ آسودي زندگيءَ جي ڳولا ۾. ان ڏس ۾ هڪ طرف سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ رهندڙ محبتون ونڊيندڙ پُر امن ۽ پُر خلوص لوڪ هيا تہ ٻئي طرف وري مختلف خطن مان اچي مٿن قابض ٿيندڙ ۽ حڪومت ڪندڙ ٽولا. هي حالتون هڪ ٽڪراءُ طور سامهون آيون. فطري ۽ جذباتي ٽڪراءُ جي حيثيت سان جن ٻن متضاد لاڙن/ نظرين کي آمهون سامهون آڻي بيهاريو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي سماجَ پنهنجي آدرشن تحت هڪ جداگانہ حيثيت جو اعلان ڪندي، سنڌي سماج جي نالي سان منفرد سڃاڻپ اختيار ڪئي. اهو ابتدائي سنڌي سماج هو. "قديم سنڌي سماج ۾ زرخيز زمين، معدنيات ۽ سٺي آبهوا ماڻهن کي زندگي طرف مائل ڪرڻ لڳي هئي ۽ هڪ سماج جڙي چڪو هو. جنهنڪري موت جي دهشت، وهم، خوف فطرتي

مصيبتون ماڻهن کي مايوس نہ ڪري سگهيون بلڪ انهن ماڻهن ۾ انهن ڪيفيتن زندگي ڏانهن وڌيڪ تعميراتي قدم وڌائڻ جو جذبو پيدا ڪيو. هتان جو ماڻهو فطرت سان گڏ پنهنجي جيئڻ جي جاءِ ناهي ڇڪو هو. تنهن ڪري وحشيءَ بجاءِ مهذب بڻجڻ لڳو. سندس سرزمين سرسبز ۽ وسيلن واري هئڻ ڪري هن لڏپلاڻ بين قبيلن تي حملا ڪري شڪار حاصل ڪرڻ، جانورن جي چير ڦاڙ ڪرڻ، پاڻ ۾ شڪار لاءِ ويڙهہ ڪرڻ وغيره ڇڏي ڏني. نتيجو اهو نڪتو تہ هن جي طبيعت ۾ نهٺائي، سادگي، صبر ۽ پيار محبت جهڙا جذبا پيدا ٿيڻ لڳا." [9] اهو سنڌي سماج هو ۽ مجموعي طور سنڌي سماج جا اهي مثبت پهلو هر دور تي حاوي رهيا.

## سنڌي افسانو

سنڌي ٻوليءَ تائين افسانو ڏکڻ ايشيا جي ٻين ٻولين جهڙوڪ بنگالي، هندي، مرهٽي، اردو وغيره ۾ ٿيل ترجمن جي مطالعي وسيلي پهتو. ان ۾ سڀ کان مشهور ليکڪ مغرب جا هئا، جن کي پڙهيو ويو ۽ سندن انداز جي پوئواري بہ ڪئي وئي. "انگريزن جي حڪومت جي اوائلي زماني کي، سنڌي افساني جو شروعاتي دور چئي سگهجي ٿو." [10] ترجما بہ ليڪڪن لاءِ هڪ آئيڊيا مثل ثابت ٿيا. جيڪي هنن ٻين ڪهاڻيڪارن کان ورتا- پر انهن ترجمن کي افسانہ نگارن مقاميت جو اهڙو تہ رنگ ڏنو جو ڪنهن بہ طرح اهي ڪنهن ڌاري ٻوليءَ يا ڌارئي سماج تان ورتل واقعا هرگز نہ ٿي لڳا. سنڌي افسانو سنڌي سماجي زندگيءَ جي چٽي تصوير بڻجي اڀريو. هتي افساني کي سنڌي افسانو ان ڪري ڪوٺجي ٿو جو اِن دور جو افسانو ڀرپور نموني سنڌي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ ۽ سنڌي سماجي حقيقتن کي ويجهڙائيءَ کان ڇهندڙ صنف طور سامهون آيو. "سنڌي ڪهاڻيءَ شعور جي لاٽ کي روشن ڪيو ۽ پڙهندڙ کي سماج جو آئينو ڏيکاريو. جنهن ۾ سنڌي سماج جي ڳولها ۽ سڃاڻپ جو احساس اجاگر ٿيل محسوس ٿئي ٿو جنهن ۾ حقيقيت پسنديءَ جي روپ کي پوائنتي نموني ۾ ڏسي سگهجي ٿو." [11] سنڌي ڪهاڻي هر روپ ۾ سنڌ جي ماڻهن جِي، سندن ڏکن ڏاکڙن جي مڪمل نشاندهي سان گڏ اصلاح جي ڪوشش بہ ڪري ٿي. ٻولي، موضوع، ڪردارن، ماحول ۽ ٻين مڙني خوبين کان هٽي ڪري، هن افساني سنڌي ماڻهن جي اميدن ۽ امنگن کي نئين جلا بخشي. اڌاري ورتل يا جبري اپنايل روايتن کي پنهنجي اصل ۽ شاندار روايتن طرف موٽ ڪارائڻ سان گڏ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻڻ سيکاريو. جهڙوڪ ڪاروڪاري بنيادي طرح سنڌ جي رسم ئي ناهي. اها جنہ بہ سببن ڪري رائج ٿي، اوائلي افسانا نگارن افسانن وسيلي ان جي سخت نندا ڪئي آهي. بعد جي ڪجهہ نون ليکڪن پاڻ پذيرائي جي بنيادن تي مبالغي آرائي ڪندي،

ان ڪي ورجائي ورجائي سنڌي سماج جي رسم طور ڏيکاريو آهي. ايتري قدر جو اها پنهنجون جڙون پختيون ڪندي اڄ بہ مروج آهي.

موهن جي دڙي جي سماج ڪي ڊاڪٽر غفور ميمڻ، پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي فڪري پسمنظر“ ۾ عورت واد يا ديوي واد سماج طور ياد ڪيو آهي. موهن جي دڙي جو سماج ڪئين حوالن سان هڪ مثالي سماج جو نمونو محسوس ٿئي ٿو. توڙي جو وقت گذرڻ سان اهو سماج حاڪم ۽ محڪوم ۾ تبديل ٿيو پر شعوري سجاڳيءَ جي پهرين لهر ۾ ئي عورت ڪي غلام بڻائڻ يا فقط پورهئي جي مشين سمجهڻ واري سوچ ڪي اٿندي ئي رد ڪيو ويو ۽ مرد جي آدرشواد روپ ڪي پڻ ساراهيو ويو. پوءِ بنيادي مسئلن ڪي ترجيح ڏيئي، افساني ڪي تخليقي، دلچسپ، بامعنيٰ ۽ معياري بڻايو. هن افساني سنڌي ٻوليءَ ڪي باقاعده طور هٿي وٺرائي. سنڌي ماڻهو امن پسند، صوفي طبيعت ۽ سهپ رکندڙ ماڻهو آهي، جنهن ڪي پنهنجي وجود ۽ خاندان سان گڏوگڏ پنهنجي خطي، ان جي موسمن، فطرت، ٻوٽن، ميون، پکين، جانورن ۽ ماحولَ سان بہ اوترو ئي پيار ۽ پنهنجائپ وارو سبنڌ آهي، جيڪو ڪيس پنهنجي اصل ڪان پري وڃڻ ئي نہ ٿو ڏئي. جيئن تہ اهي سڀ لقاءَ ۽ شيون سندس روزمره جي ڪاروهنوار جو حصو آهن، ان ڪري هن جي سوچن تي بہ اهڙين ئي ڪيفيتن جو پهرو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر سنڌي ليکڪ وٽ مقاميت ملندي. ڪهاڻيڪار ڀلي تہ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ بابت لکي، پر سندس اظهار جو انداز ڪڏهن بہ سنڌيت ڪان خالي نہ ملندو. هُو دنيا جي هر سونهن ڀري شيءِ ڪي پنهنجي ديس جي سندر شين سان ڀيٽ ڪري، اهو تاثر ضرور ڏيندو تہ سندس دل ۾ وطن لاءِ ڪيڏي حُبَ ۽ چِڪَ آهي. اها پريت، سندس وڏندڙ وهيءَ سان قدامت ماڻيندي، وڏيڪ پُر اثر شڪل اختيار ڪرڻ لڳندي آهي، جنهن جي ثابتي سندس تحريرن ۾ بہ جابجا ضرور نظر ايندي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سڌو سنئون تخيل ملڻ بجاءِ ان جون پاڙون حقيقي بنيادن تي بيٺل نظر اينديون. ڪن ڪهاڻين ۾ سنڌ جا اصلوڪا، روايتي، عشقيه، نيم عشقيه، تاريخي ۽ رزميه قصا ٻڌايا ۽ ٻڌايا ويا تہ ڪن روايتن ڪي وري تصور جي پوشاڪ ڍڪائي وئي، پر انهن سڀن ۾ اصليت، مقاميت ۽ سماج سان لاڳاپو ضرور هيو. سنڌ ۾ آڳاٽي وقتن ڪان اهي ڪهاڻيون روزانيءَ جي بنيادن تي ٻڌايون وينديون هيون. آڪاڻي ٻڌائڻ جو اهو رجحان سنڌ جِي روزمرهه جي زندگي ۽ ثقافت جو حصو بڻيل رهيو. وڏي انگ ۾ سبق آموز ڪهاڻيون ايئن ئي پيڙهي بہ پيڙهي منتقل ٿينديون ويون، جن سنڌي نثر جي اوسر ڪان پوءِ لکت واري صورت اختيار ڪئي. سنڌي ڪهاڻيءَ جو آغاز آکاڻيءَ جي صورت ۾ منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي جي ڪهاڻي ’سورٺ راءِ ڏياچ‘ سان ٿيو. رانجهڻ خان ميمڻ پنهنجي ڪتاب سنڌي افسانو (آزاديءَ ڪان اڳ) ۾ سورٺ راءِ ڏياچ ۽ شهزادي املهہ ماڻڪ جي ڳالهہ، ڪهاڻين ڪي سنڌي افسانوي نويسيءَ لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکندڙ

افسانا سڏيندي، پنهي ڪهاڻين کي لوڪ ادب جو حصو ڳڻ ڪوٺيو آهي ۽ مفيدالصبيان ۾ شايع ٿيل سيد ميران محمد شاهه اول جي ڪهاڻي سڏاتوري ۽ ڪڏاتوري (ترجمو) کي ان جي سماجي موضوع ڪارڻ افساني جو ابتدائي روپ سڏي ٿو. "اسڪول ماسترياڻي"، عبدالله 'عبد' جو هڪ سماجي افسانو آهي، جنهن ۾ جديد تعليم جي اوڻاين کي ظاهر ڪيو ويو آهي. "غريبت" ۾ ڏيکاريو ويو ته ڪيئن هڪ اسڪول ماستر پنهنجي سادگيءَ جي ڪري پنهنجن همعصر عملدارن هٿان تڪليف ۾ اچي ٿو ۽ ڪهڙيءَ ريت هو سماج جي تڪليفن کي برداشت ڪري ٿو." (12)

شروعاتي طبعزاد افسانن ۾ پير حسام الدين راشديءَ جو انارڪلي، مرزا نادر بيگ جا افسانا موهنيءَ جي ڊائري، موهنيءَ جي دل جو داغ، پاڪ محبت، گهر جي چڪ، ماءُ جو قهر، انقلاب، اڇوت موهني حصو ٻيو، موهنيءَ جي آهه، عثمان علي انصاريءَ جو مجموعو پنج، ديوان ڪوڙيمل جي قول مالها، ريوتي، سريتي ۽ سنيتي (ڏيتي ليتي جي موضوع تي)، پرمانند ميوارام جي لڇڻ ڪين لڏو، نانڪرام ڌرم راءِ جون جيوت جو جس ۽ ڌرم راءِ جي وهي وغيره اهم آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ کي ڪن ليکڪن ٻن ته ڪن وري ٽن ۽ چئن دورن ۾ ورهايو آهي. افساني جي ابتدا کي ڊاڪٽر غلام علي الانا، شوڪت حسين شورو، رانجهڻ خان ميمڻ، جڳديش لڇاڻي، مختيار احمد ملاح، ادريس جتوئي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ عباس ڪوريجي 1914ع کان ڄاڻائيندي، سنڌي افساني جو پهريون يا بنيادي دور قرار ڏنو آهي. ورهاڱي تائين هي سڄو دور ترجمن ۽ طبعزاد افسانن جي رواني ۽ گهڻائيءَ سبب اهميت جوڳو آهي. هن دور جو پهريون افسانو "حُر مَڪيءَ جا" کي تسليم ڪيو ويو آهي. توڙي جو افسانو 'شريفان بيگم' به ان راءِ ۾ اختلافي حيثيت سان شامل آهي. هن سلسلي ۾ افسانن جا مجموعا 'ادو عبدالرحمان'، 'چمڙا پوش جون آکاڻيون'، 'سرد آهون'، 'ريگستاني قول' ۽ 'سفيد وحشي' اهم سماجي افسانا آهن. "1914ع ۾ چيتمل پرسرام ۽ لعل چند امر ڏني مل جڳتياڻيءَ "سنڌي ساهت سوسائٽيءَ" جو بنياد رکيو. هن سوسائٽيءَ طرفان ماهوار رسالن جو سلسلو شروع ٿيو انهن ۾ اڪثر اُهي ڪهاڻيون ڇپيون هيون، جن ۾ سماجي اوڻاين جي اپٽار ڪيل هوندي هئي." (13) 1853ع ۾ رسم الخط جڙڻ سان سنڌي نثر جتي خاطر خواهه ترقي ڪئي، اتي ئي ادبي ترجمن ۽ عملي سرگرمين : اخبارن، مخزنن، رسالن ۽ اشاعتي سرشتي ۾ واڌ ۽ تيزيءَ سبب هيءُ دور شعوري سجاڳيءَ جو دور ثابت ٿيو. دنياوي حالتن، ادبي لاڙن ۽ تحريڪن سنڌي ادب کي هڪ سماج جي بنيادي ۽ حل طلب مسئلن لاءِ اظهار جي آزادي عطا ڪئي. سماجڪ مسئلن جي اپٽار ۽ انهن مسئلن کي بدليل روش سان حل ڪرڻ واري ترقي پسند ڌارا سنڌي افساني کي نئون موڙ عطا ڪيو.

"Sindhi literature since its inception has had its moorings in humanism, patriotism and rational thinking. Which can be

witnessed from the classical poetry inherited by us? This literature has left ever-lasting impression on the Sindhi reading public. Sindhi's are, by nature secular and democrats. The two world wars have left ever lasting influences on the psyches of people all over the world. The Sindhi's, too were, perceptibly or imperceptibly, influenced by them. The Sindhi writers too were equally affected and, as an outcome, Sindhi literature acquired far-reaching depth of vision and complexity." [14]

اوائلي دور سنڌي افساني جي اوسر وارو دور هو. جنهن ۾ ان درجي بہ درجي منزلون طئي ڪندي، سچاڻپ اختيار ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ واري ڏارا افساني ۾ پختگي آندي. "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ۾ ترقي پسند فڪر ادب مٿان حاوي پوڻ لڳو هو. جنهن ادب جي روايتي پرمپرا کي رد ۽ نون قدرن کي اجاڳر ٿي ڪيو. پر ورهاڱي جو ڪاپاري ڌڪ ڪائڻ سبب اهو دور سنڌيءَ ۾ فلسفيانہ طور ختم ٿي ويو. پر 1956ع ۾ ون يونٽ، جنهن منصوبي تحت سنڌ پاڪستان جي نقشي مان غائب ٿي ويئي. ترقي پسند دور ٻيهر پوري زور سان ظاهر ٿيو ۽ پوءِ 1970ع تائين سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئين سر حاوي رهيو. پهرئين دور کي مان پنهنجي الڳ سڃاڻپ جي ڳولا جو دور ٿو ڪوٺيان. 1948ع کان 1956ع تائين حقيقتواد جو دور آهي، جنهن دور ۾ ليکڪ ان وقت جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ سنڌي ثقافت جون مختلف ڪنڊون روشن ڪن ٿا. ترقي پسندي وارو ٻيو دور، ان ثقافتي بچاءُ جو دور آهي، جنهن ۾ سنڌين جي سيڪيولر ڪردار تي گهڻو زور ڏنل آهي."[15] 1914ع کان وٺي سنڌي افساني لاها چاڙها ڏسندي ڪيترائي دور عبور ڪيا، جن سنڌي افساني جي فني ۽ فڪري وسعتن کي پڪيڙيو.

## سنڌي افساني ۾ سماجي حالتن جو اپياس

فرد جي ذات بذاتِ خود هڪ منفرد ۽ انوکي ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻين ڪهاڻين سان ملي سماج جي وسيع ۽ مرڪزي ڪهاڻيءَ کي جنم ڏيندي آهي. سماج ڪا خيالي يا ڪا اڻ ڏٺل شيءِ ناهي، جنهن جي موجودگيءَ کان اسين واقف نہ هجون. سماج ماڻهن جي اجتماعي رهڻي ڪهڻيءَ واري هنڌ کي چئجي ٿو. انسان ئي اهو جز آهي، جيڪو ملي هڪ سماج کي تڪميل بخشيندو آهي ۽ اڳتي هلي پاڻ ئي پنهنجي سماج جِي هٿرادو نموني جوڙيل، اڻ وڻندڙ ۽ غلط روايتن کان ٻاهر يا پرپرو ٿي بيهندو آهي. ليکڪ بہ هڪ اهڙي ئي ذات يا شخصيت آهي، جيڪو پنهنجي چوگرد ڦرندڙ جيوت سان پيش آيل وارتائن کي قلم جي زبان ڏيئي، ان جا ڳجها ۽ نروار پهلو ظاهر ڪري ٿو. اُنهن حالتن، خوشين، غمن ۽ مسئلن کي بيان ڪري ٿو. جن مان سندس همعصر دور جا ڪردار گذري

رهيا هوندا آهن. ”هونئن بہ ليڪ پاڻ کي سماج کان ڌار ڪري نہ ٿو سگهي. ڇاڪاڻ جو هو سماج جي بدن جو هڪ عُضوو هوندو آهي ۽ هڪ عضوو ٻئي عُضوي جي تڪليف کي محسوس ڪرڻ بنا رهي ڪونہ سگهندو آهي.“[16] سماجي ڪردار حقيقت ۾ تہ فاني هوندا آهن، پر هڪ ڪهاڻيڪار جي تخليقيت، جستجو ۽ فن کين ايندڙ پيڙهين تائين منتقل ڪندي، صدين جا سفر طئي ڪرائيندو آهي. توڙي جو هڪ ڪهاڻيڪار، آخر هن فريبي دنيا کي الوداع ڪري ويندو آهي، پر سندس بيان ڪيل ڪردار، واقعا، موضوع، قصا ۽ ماحولَ ڪيس جيئرو رکندا ايندا آهن ۽ هو اپرندڙ نسلن جي ذهنن تي هڪ اڻ مٽ ڇاپ جو ڪم ڇڏيندو رهندو آهي. سماجَ لاءِ جيڪو ڪم ڪهاڻيڪار ڪري نہ سگهندو آهي، سو سندس ڪهاڻيون ڪرڻ جي سگهہ رکنديون آهن. سماجَن کي ورثي ۾ مليل روايتون، رسمون ۽ قدرَ بدلائڻ ۾ ڪهاڻين ۽ ڪهاڻيڪارن جو وڏو هٿ آهي. جن مسئلن جي نشاندهي ڪهاڻيڪار ڪندو آهي، پڙهندڙ وري ان کي حاصل ڪيل جاڳرتا سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

”سنڌي آکاڻي جو ٻيو دور ’لعلچند امر ڏنيمل‘ جي برپا ڪيل ’سنڌي ساهت سوسائٽي‘ جي ماهوار رسالن سان 1914ع ۾ شروع ٿيو. هي رسالو سنڌي آکاڻي جي اوسر ۾ هڪ اَهم حدِ نشان هو جنهن ۾ جهونن توڙي نون ليکڪن جون ڪي اصلوڪيون ۽ گهڻيون ترجمو ڪيل آکاڻيون شايع ٿينديون هيون. هي رسالو اُن سال شروع ٿيو جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي هئي ۽ پنگتي ۽ خانگي مسئلا گهرا ٿيندا ٿي ويا. جنهن ڪري ڏسبو تہ هن رسالي جي آکاڻين ۾ گهڻو تڻو سماجي اوڻاين جي اپٽار ڪيل آهي.“[17] هن رسالي جي شروعاتي افساني، لعل چند امر ڏني مل جي ”حر مکيءَ جا“ کي پهرين سنڌي سماجي افسانو تسليم ڪيو ويو آهي. اهو افسانو ثابت ڪري ٿو تہ پهريون پٿر ئي انقلابي نوعيت جو هو. هن رسالي جي تمام اصلوڪين ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻين جا تفصيل منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب سنڌي نثر جي تاريخ ۾ ڏنا آهن.

## حُر مَکيءَ جا

’حُر مَکيءَ جا‘ سانگهڙ ضلعي جي مَکي ڍنڍ تي واقع ٻيلن ۾ مقيم اَٽ پيشيور ڦورن ۽ ڌاڙيلن جو داستان آهي، جنهن ۾ مختصر طور سندن ڪرت جو احوال، آغاز ۽ انجام سميت ڏنل آهي. ”هي حُرَ ڦريندا ئي انهن کي هئا، جن کين ستايو هو: يا جي غريبن سان غضب ڪري، مفت جا مال ميڙي وڏا سينيا بڻجي پيا هئا. غريبان مار وٽن ڪانہ هئي. مسڪينن ۽ محتاجن کي پاڻ هڙون ڇوڙي ڏيندا هئا.“[18] هي افسانو زماني جي ستايل ۽ بغاوت ڪندڙ ڪردارن جي سوچ جا ڪئي رخ پيش ڪري ٿو. هڪ اهي ناڪاري رويا جن کين ظلم و جبر برپا ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ ٻيا اهي هاڪاري احساس جنهن سبب هو ڪنهن بہ مسڪين يا ابوجهہ سان انياءِ نہ ڪندا هئا نہ ٿيڻ ڏيندا هئا.

”هن خود بيانيہ جي طرز ۾ لکيل ڪهاڻي مان پيدا ٿيندڙ تاثر ۾ عالمگيريت آهي، جنهن مان محڪوم انسانن سان همدردي پيدا ٿئي ٿي.“ (19)

## چمڙا پوش جون آکاڻيون

چمڙا پوش جون آکاڻيون ”پنگت جو خرابيون“ سلوگن سان 1923ع ڌاري جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ ڇپايو، جنهن ۾ نَوَ ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جو سلوگن پنگت جون خرابيون ئي ظاهر ٿو ڪري تہ ان جو تعلق سڌو سنئون روز بروز سماج ۾ جنم وٺندڙ نت نين براين سان آهي. هن مجموعي جو مهاڳ چمڙا پوشي وسيلي سماجي عيبن جي اپٽار ڪري ٿو. حيدرآباد، ڦليلي، موراڪو، جاپان ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ ڪهاڻين ۾، سماج ۾ هر طرح سان وڌندڙ جنسي بي راهہ روي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن مجموعي ۾ ننگن چمن، آفت جي آکاڻي، ٻائو شيطاني داس، نو ڄائو لڏل ٻار، جپاني ٻارن جا سنڌي پيرَ، موراڪو ۾ سنڌي (چار پاڳا)، ڪلجڳي ٻانيڻ، دکيءَ جي دانهن (فرياد ۽ ان جو جواب) ۽ پيپيءَ جي پڪار جي عنوانن سان ڪهاڻيون شامل آهن. انت ۾ سنگت پوڙهو جي عنوان سان هڪ حال احوال هن ريت درج آهي: ”ارادو ڪونہ هوس، تہ بہ نالايق، آناري، جهنگلي وڃي يارنهن ورهن جي ڇوڪريءَ سان وهانءُ ڪيو! اجان ٿو چوڻ ۾ اچي تہ اسين سڌريل آهيون! عبث ! عبث!!

سنگت وري ڪونہ ڏٺم. اتڪل ڇهن مهينن ڪان پوءِ ٻڌم تہ سنگت پرلوڪ پڌاريو! پر ٻارهن ورهين جي ڪنئار ڪيڏانهن وڃي؟“ (20) هن مجموعي جي اڪثر ڪهاڻين ۾ زوري شادي، ٻي جوڙ شادي، بيواهہ جي ٻي شادي، عورت جي ننڍي وهيءَ ۾ شادي، پرديس ڪمائڻ جي بهاني غلط عادتن ۾ وٺجڻ ۽ مذهب جي آڙ ۾ جنسي ڏاڍاين ڪي زور وٺائڻ جو بيان ڪيل آهي. ”هي ڪهاڻيون پڻ معاشري جي عڪاسي ڪندڙ آهن، جنهن ۾ ظاهري چمڪندڙ زندگي پويان انهن ڪوجهن عملن تان پردو کنيو ويو آهي، جيڪي ڪراهت آميز ٿين ٿا. هنن ڪهاڻين جو ورتاءُ Treatment غريبي اميريءَ تي پيد پاءُ بابت جڙيل ناهي ۽ نہ وري ليکڪ جو مقصد ئي ڪو طبقاتي جذبا اُڀارڻ ڏسجي ٿو بلڪه سماجي متپيد فقط حيرت زدگي يا استعجاب پيدا ڪرڻ تائين محدود آهي. البتہ معاشري جا چٽيل رنگ واقعات جي صورت ۾ حقيقت جي قريب محسوس ٿين ٿا.“ (21)

## سرد آهون

”سرد آهون“ جو 1942ع ۾ ”نئين دنيا“ ڪتاب گهر ( شڪارپور) پاران ڇپيو هو، جنهن ۾ آکاڻيون اُن منڊل جي بانيڪار ’گوبند پنجابيءَ‘ جون لکيل هيون. منجهن

پورهيتن جي ۽ عام ماڻهن جي سرد آهن جو بيان ڪيل هو ۽ سرمائيدار سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي للڪار ڪيل هئي.“ [22]

”سرد آهون“ 1942ع ڌاري جاڳو ۽ جاڳايو جي نعري هيٺ، نئين دنيا ڪتاب گهر شڪارپور پاران ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ گوبند جون فقط ست ڪهاڻيون آزاديءَ جو جذبو، ايڪتا، سرد آهون، چور، ڪفن، بي - اي، ايل ايل - بي ۽ اٿو ۽ لٿو شامل آهن. هن مجموعي جون سموريون ڪهاڻيون ان دور جي سماجي ۽ سياسي پسمنظر جي ڇڪتاڻ، شعور ۽ بيداريءَ جي هلچل سان گڏوگڏ طبقاتي فرق تي بہ رچيل آهن. آزاديءَ جو جذبو، تقريري نوعيت سان ٻي عالمي جنگ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن جا ننڍي کنڊ تي اثر، ان وقت جي تحريڪن ڪميونزم، سوشلزم، فاشزم، مارڪسزم، گانڌي ازم ۽ هٽلر جي برپا ڪيل بربريت توڙي راجنيتي، طبقاتي ورڇ، هندو مسلم ٽڪراءَ، هاري تحريڪ ۽ ڪانگريس جو ذڪر ڪٿي هلي ٿي. ايڪتا بہ ان ئي سرشتي جي هڪ ڪڙي آهي. هي ٻئي افسانا انگريز راڄ جي خاتمي ۽ هٽلر جي جنگ جا موضوع ڪٿي اچن ٿا. چور ڪهاڻي بہ جنگ جي خوف جو پاڇو گڏ ڪٿي ٿي هلي. ان ڪهاڻيءَ جي هڪ حصي ۾ جنگ کان بچڻ لاءِ رکيل پوڄا پاٺ جي منظر ڪشي ڪيل آهي، جتي قيمتي دان ڏنا ٿي ويا تہ ٻئي پاسي ساڳي ئي معاشري جي هڪ ٻي پهچ فرد راموءَ جو احوال آهي، جنهن اٽيي ماني کائڻ لاءِ جوتا چورايا ۽ سخت سزا بہ ڀوڳيائين. ڪفن لوئر ڪلاس جي رهاڪن ڀنگي قبيلي سان تعلق رکندڙ لونءَ لونءَ قرضن ۽ مرضن ۾ وڪوڙيل لوئر طبقي جي هندن جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نوجوان ڀنگيءَ جا هي گفتا اهم آهن. ”اسين جمون تہ اسان جي مائٽن تي قرض. اهي مري وڃن تہ اسين انهن جو قرض لاهيون. سڄي حياتي ۾ اهو پورو ڪونہ ٿئي. اسين وري پنهنجي اولاد تي قرض ڇڏي وڃون. آخري وقت اسان کي ڪفن لاءِ بہ قرض وٺڻو پوي ٿو. . . . . .“ [23] هيءَ گفتگو ان طبقي لاءِ شعوري لاٽ جيان جرڪي سگهي ٿي، پر ان طبقي کي بک ۽ بدحالي مان ڪڍي شعور ارپيندو ڪير! بي - اي، ايل ايل بي ۽ اٿو ۽ لٿو بہ متضاد طبقن جي روش کي وائکو ٿيون ڪن. هن مجموعي جي مکيه ڪهاڻي ”سرد آهون“ آهي، جنهن کي بنيادي طرح سماجي اوٽاين جي نشاندهي ڪندڙ ۽ ٻن طبقن جي زندگي گذارڻ جي طريقي تي لکيل ترقي پسند افساني طور تسليم ڪيو ويو آهي. ”سرد آهون“ سخت سياري جي موسم ۾ اٽپوري خوراڪ، نامناسب لباس ۽ علاج تائين رسائي حاصل نہ هجڻ سبب ٿڌ جي شدت کان مري ويل، سومري جي ٻن سالن جي اڪيلي پٽ دلو جي موت جو داستان آهي، جنهن کي ڪفن وجهڻ وقت ماءُ ۽ پيءُ ”سرد آهون“ ڀرين ٿا، مونولاگ جي صورت ۾ ڪهاڻي ٻڌائيندڙ ڪردار عُمر، سندس آڏو گذرندڙ مختلف طبقن جي صورتحال کان آشنا ڪرائي ٿو. مقام تان واپسيءَ وقت ٻروچ عورتون ڏسجن ٿيون، جيڪي گذارو نہ ٿيڻ ڪارڻ ڪاٺيون وڪڻي پوري ڪن ٿيون. اهڙي موسم ۾ بہ

سخت جفاڪشيءَ ڪان سندن نرڙ تان وهندڙ پگهر ۾ سهڪي ڪي عيان ڪيو ويو آهي. ان جتي ۾ هڪ ٻار ڪان وٺي جهور پوڙهي تائين هر عمر جون عورتون موجود هيون ۽ ڪاٺين جي مناسب قيمت نہ ملڻ باوجود بہ سندن وڪري لاءِ گراهڪ کي سڏيندڙ پوڙهي جي سرد آهَ جو ذڪر آهي. ”يائي. . . او يائي اچ ڪاٺي ڪٽي هلون. “ مائي ويل ماڻهوءَ کي سڏڻ لئي - يائي ويجي چڪو هو. جواب ڪونہ آيو.“ [24] ڪهاڻي جي هڪ حصي ۾ خود ڪلامي ڪندي ڪردار ٻڌائي ٿو ”مون سوچيو خان بهادر غلام قادر خان جي گهر ۾ جنهنجو گهر اسانجي گهر سان لڳو لڳ آهي. زالون اجان بستري مان هاڻ اٿيون هونديون، ڇو تہ اجان ساڍا 9 لڳا هئا. اها ڪا سندن لاءِ دير نہ هئي، پر هو اٿي ڪن ڇا؟ سندن نيرن تہ اجان حاجران تيار بہ ڪانہ ڪئي هوندي.“ [25]

## ريگستاني قول

افسانن جو هيءُ مجموعو گوبند مالهيءَ مرتب ڪيو. جيڪو پڻ ’نئين دنيا ڪتاب گهر‘ پاران 1944ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ ڪُل تيرهن ڪهاڻيون آهن. جيڪي سماجي حقيقت نگاري جي سفر جي راهہ تي هڪ ٻي وک ٽيون. جن ۾ رام امر لعل پنجواڻيءَ جي ’جعفر بيلدار‘، آنند گولاڻي جي ’سڳ‘، رميش چندر جي ’معصوم محبت‘، پگوان لالواڻي جي ’ساڙهي‘، نارائڻ ڏيولاڻيءَ جي ’ڏاڙيل‘، جيوت نرياڻي جي ’مچن واري دادي‘، سوپي گيانچنداڻي جي آڪيري جو ٽٽڻ، ليلو رچنداڻي جي پڳل دل، ڪشن مسرور جي ’قاتل ڪير‘، ڪرشن ڪتواڻيءَ جي ’ڏنڌلي تصوير‘، موهني چنديراماڻي جي ’بہ واٽو‘، شيخ عبدالستار جي نالي سان ڇپيل ’رحيما‘ (جنهن کي دراصل سوپي گيانچنداڻيءَ جي ڪهاڻي چيو وڃي ٿو) ۽ گوبند مالهيءَ جي همدرديءَ جو احساس‘ ڪهاڻيون شامل آهن.

## زندگيءَ جو باب

هيءُ ڪتاب نارايڻ ڀارتيءَ جي اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جيڪو سهڻي ڪتاب گهر پاران هري موٽواڻيءَ ڇپايو. هن ڳتڪي ۾ ڏهہ ڪهاڻيون ڪليم، دستاويز سنڌي، وري نَہ شل، انوکي سوپ، پاڻي، راشن ڪارڊ، زندگيءَ جو باب، اهو وقت ۽ نُوران شامل آهن. ڪليم هن مجموعي جي اهم ڪهاڻي آهي. ورهاڱي جي موضوع تي سنڌي ادب ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو پر هند طرف لڏ پلاڻ ڪندڙن جي دلين تي ڇا گذري، اها صورتحال هن ڪهاڻيءَ وسيلي نارايڻ ڀارتي دلسوز انداز ۾ بيان ڪئي آهي. ”جوهر مل اوچتو ئي اوچتو ڇڻڪ ڪنهن خواب مان سجاڳ ٿيندي چيو ”ادا ائين ڇئہ نہ! اسان کي ير منجهائي ڇڏيءَ، تہ ها لک. جوهر مل پٽ وسئيمل جو. لک نان گڏيو. پاڪستان ۾ سجي سنڌ ڇڏي آيو آهيان. اهو هاڻي ڪليم ڀري گهر ٿو ڪري تہ ڪيس سنڌ واپس ڪئي

وجي. ان جي ثابتي اها آهي جو جوهر سنڌي آهي، سنڌس ٻولي سنڌي آهي ۽ سنڌس سڀيتا سنڌي اٿس." (26) ڪليم ڪجھ ماڻهن لاءِ پنهنجي لالچ ۽ هٻچ جو پيٽ ڀرڻ جو ذريعو بڻيو ته باضمير ۽ حساس سنڌين نه ڪليم جي آڙ ۾ ملڪيت گڏ ڪئي، نه وري ڪنهن به چڏي ويندڙن جي مال متاع کي هڙپ ڪرڻ جي هلڪڙائي ڏيکاري . دستاويز وري ڪليم جي ابتڙ ان ظلم جي ڪهاڻي آهي، جيڪو وس وارو هوندي هڪ پورهييت ڪان سنڌس گهر ڦري ڪيو ويو. پوءِ به ورهاڱي وقت ان شخص جي وفاداري ڪاڀي ڏر جي اهل اولاد سان وداعي وقت تائين قائم رهي ٿي، جيڪا سنڌس سادگي ۽ وفا جو ثبوت بڻجي افساني ۾ آئي.

"انوکي سوچ" هن مجموعي جي اهم ڪهاڻي آهي. ڪارخاني تي ڪم ڪندڙ عورتن جي پنهنجي اُجوري لاءِ ورتل نتيڙي ڪوشش هڪ انقلابي وک بڻجي سامهون اچي ٿي. وري نه شل هڪ سڪئي ستابي ڪٽنب تي جنگي اثرن جي نتيجي ۾ آيل تباهيءَ جو ڏيک ڏيندڙ ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن به سبب جي ڪري لڳل جنگ ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيل انساني تباهه ڪارين ڪري جنگ کي ناپسند ڪندي، ان خلاف بغاوت ڏيکاري وئي آهي، جيڪا "وري نه شل" عنوان مان عيان ٿئي ٿي. هن مجموعي جون اڪثريتي ڪهاڻيون ورهاڱي ڪان پوءِ جي نتيجن تي مبني آهن، جن مان نوران ۽ انوکي سوچ جو پلاٽ مختلف آهي.

"امر لعل کي حقيقت نگاريءَ (Realism) تي ٻڌل جديد ڪهاڻي نويسيءَ جي فن جو باني ڪوٺي سگهجي ٿو."(27) سنڌس اهم ڪهاڻيون ادو عبدالرحمان، ڏس ڏيوم ته ڪٿان ليندي، رام ۽ رحيم ۽ هيءَ به رانجهوءَ سنڌي رمز مشهور آهن. ادو عبدالرحمان خود ڪلامي ڪندڙ هڪ سادي ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو هڪ شاهديءَ لاءِ ڪورٽ ۾ اچي جج کي سنڌس نظام ۽ رويي ڪان آشنا ٿو ڪرائي. انصاف جي فراهمي يقيني بڻائيندڙ ادارن لاءِ انصاف جي بالادستي ڪان وڌيڪ سنڌن اداري جي ڊيڪورم کي ترجيح حاصل آهي ۽ انصاف لاءِ واجهائيندڙ سرپرستن/ بالادستن جي غلط فيصلن جي پيٽ چڙهي ٿا وڃن. ادي عبدالرحمان جي ڏاهپ ڪارڻ هن ڪهاڻي عالمي سطح تي مقبوليت ماڻي.

## افساني جي انفراديت

انفراديت ان عليحدگيءَ جو نالو آهي، جيڪا روايتن جي منفي پاسن کي ڇڏي رجعت پسنديءَ جي چنبي مان نڪري نين ڏارائن کي اپنائي ٿي. سنڌي افسانو تمام ٿورو وقت روايت پٺي يا رجعت پسنديءَ ۾ مبتلا رهيو. پر جلد ئي ان افساني آزاد فضا ۾ ساهه کڻڻ شروع ڪيو. سنڌي نثر جون اوئلي ڪهاڻيون يا افسانا ئي اهڙا موضوع گڏ ڪٺي آيا، جن پنهنجي سماج سان لاڳاپي جو ثبوت ڏنو. اسان وٽ ورهاڱي ڪان اڳ

۽ پوءِ حالتن جي پيش نظر بهترين افسانا سرجيا. افسانا نگارن نئين نظام جي اڏاوت لاءِ سماجي توڙي اجتماعي فڪر کي سڀ کان متاثهون رکيو ۽ خارجيت تي زور ڏيندي، افسانن ۾ موقف ۽ مقصد کي چٽائيءَ سان پيش پڻ ڪيو. افسانن جي پلاٽ کي سگهارو ۽ اثر انداز بڻايو. ايتريقدر جو فن تي فڪر کي برتري حاصل ٿيڻ لڳي. تصورات مان نڪري حقيقي دنيا ۽ حقيقي ماڻهن جي غم کي اهميت ڏني وئي. نئون ادب ۽ نئون افسانو نئين سماج جي تخليق لاءِ محرڪ بڻجڻ لڳو. ”انفراديت ڪنهن تخليق جي عظمت جو اهڃاڻ ٿئي ٿي. ان ئي عنصر جي ڪسوٽيءَ ذريعي ڪنهن به تخليقي شهپاري جي فني ۽ فڪري پهلوئن جي چند ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي.“[28]

سنڌي ادب ۾ افساني نمايان مقام حاصل ڪيو. اوائلي ليکڪن سماج کي هڪ نئين نگاهه سان ڏٺو ۽ ان جي مسئلن بابت نئين نڪته نظر سان ويچاريو ٿي. سندن نون نظرين ڪارڻ ڪين ٿوري ئي وقت ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. ايئن افساني جي پرچار ۾ اضافو ٿيو. ”ٻين عالمي جنگ دوران سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسنديءَ جو دور شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ افسانو تمام گهڻو لکيو ويو ۽ ڪيترا ئي سنا ڪهاڻيڪار ميدان تي آيا، جن ۾ گوبند مالهي، شيخ اياز، سڳن آهوجا، ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند پنجابي ۽ ٻيا شامل آهن. جن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن کي موضوع بڻايو. هنن ڌارين کان نفرت ۽ جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام خلاف پنهنجن خيالن کي پيش ڪيو.“[29] انهن کان علاوه امر لعل هڱوراڻي، ليکو تلسياڻي، مرزا نادر بيگ، آسانند مامتورا، عثمان علي انصاري، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، آنند گولاڻي، رشيد ڀٽي، عبدالرزاق راز، نارائڻ شيام، روشن آرا مغل، سندري اتمچنداڻي، ارجن حاسد، غلام رباني آگرو، ابراهيم جويو، اياز قادري، حفيظ شيخ، ع. ق شيخ، محمد عثمان ڏيپلائي، شمس الدين بلبل، علي احمد بروهي، نجم عباسي، بشير مورياڻي، سراج ميمڻ، بيگم زينت چنا، حشو ڪيولراماڻي، سوڀو گيانچنداڻي، ڪرشن کتواڻي، اي جي. اتم، قاضي فيض، ثميره زرين ۽ ٻيا نمايان افسانا نگار آهن.

سماجي افسانن جا موضوع گهڻو ڪري غربت، ڏاڍ، جبر ۽ قسمت جا ماريل مجبور ڪردار رهيا آهن. اهڙن ڪردارن ۾ عورتن ۽ ٻارن کي خاص جاءِ ڏنل آهي، جيڪي اڪثر ڪري مظلوم ۽ محروم ئي رهندا آهن. اهڙا ڪردار جن جون زندگيون يتيمي، مفلسي، لاچاري ۽ لاوارثي جي ڪارڻ رانديڪن مثل بڻجي وڃن ٿيون. ڪهاڻيڪارن هڪ خاص رٿا ۽ آدرش تحت انهن کي هيرو ڪري پيش ڪيو آهي. اهڙيون ڪهاڻيون حقيقت نگاريءَ کان وڌي سماجي حقيقت نگاريءَ جي درجي تي نظر اچن ٿيون. ”ان سان گڏ افساني ۾ تنقيدي عنصر آهي، جو ٻڌائي ٿو ته ”ڇا هئڻ گهرجي؟“ ”ڪيئن هئڻ گهرجي؟“- افسانو زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ، اهي سڀ عيب ثواب ظاهر ٿو ڪري، جن سان

زندگي اصلاح پذير ٿئي ٿي، يا ذلت جي اوڙاهه ۾ ڪري ٿي!“[30] شروعاتي ڪهاڻين ۾ سماج جي چڱاين ۽ ڪوتاهين سميت حقيقتن ڪي ڳُوڙهيءَ نگاهه سان پرکيو ويو ۽ بنيادي مسئلا واضح ڪيا ويا آهن. اهي افسانا روايتي ۽ رواجي ڳالهين جي نشاندهي ڪن ٿا، پر انهن روزمره جي غير اهم لڳندڙ واقعن ۾ موجود درد جي تصويرن کي جهڙيءَ ريت چٽيو ويو آهي. اُهي هر عام انسان جي دل کي ڇهندڙ ۽ ايذاءُ ڏيندڙ اهڙيون سماجي حقيقتون آهن، جن ۾ طاقتور جي سامهون مهاڏو اٽڪائڻ جي قوت نه رکندڙ بي پهچ انسان کي، انسان نه سمجهڻ جو هڪ رنج موجود آهي. اهو رنج ڪيئن صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. البته ان رنجَ کان علاوه به ڪيئن افسانا آهن، جيڪي انساني زندگيءَ وانگر سنڌي ادب جي جهولي به گهڻن ئي موضوعن سان پرين ٿا. ان جو اهم سبب ارتقائي ۽ تهذيبي سفر آهي، جيڪو هڪ مسلسل عمل آهي. سنڌي افسانن جو تعلق به فئنٽسي سان هرگز ناهي بلڪه انهن ڪهاڻين جي پيڙهه انهن وارتائن تي ٻڌل آهي، جيڪي ليکڪ جي ديس واسين تان گذريون آهن. سندن ڪهاڻيون ڪنهن تصوراتي چادر ۾ ويڙهيل نه آهن. جيڪا خيالي رومانويت سان لبريز هجي، جنهن ۾ پريم، ميلاپ، وڇوڙن يا فقط هڪ سُکي/ آسودي زندگيءَ جو نقشو چٽيو ويو هجي، پر اهي ڪهاڻيون اهڙين حقيقتن تي ٻڌل آهن، جيڪي جڏهن به پڙهندڙ تائين پهچن ٿيون ته ڪا به اک آلي ٿيڻ کان سواءِ ۽ ڪا به دل درد ۽ سوز جي دانهن ڪرڻ بنا رهي نه ٿي سگهي. اهي ڪهاڻيون غير محسوس طريقي سان ماڻهن جي فهم ۽ ادراڪ کي وڌائين ٿيون.

”لعلچند امر ڏني مل ۽ ڄيٺمل پرسرام سماجي مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ سماجي برايون، زميندارن ۽ سيٺين جي ڪردار کي تنقيد جو نشانو بنايو ويو.“[31] افسانا نگارن افساني ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جي رجحان جي نمائندگي ڪندڙ ادب تخليق ڪيو. اها ڳالهه هن قسم جي افساني جي انفرادي خصوصيت ٻڌجي اپري. افسانن جي فروغ ۾ سنڌو، ڦلواڙي، نئين دنيا، محفل (هڪ پرچو)، ساٿي، اڳتي قدم، شاگرد، پرهه ڦٽي، انسان، باغي، روح رهاڻ، سهڻي، پيغام، چارڻ، تحريڪ، ڏرتي، چڻنگ، نئون نياپو، سنڌو، سوجهرو وغيره جهڙن رسالن اهم ڪردار ادا ڪيو. ”ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾، سنڌ ۾ پهريون پيرو افسانوي ادب ۽ تاريخي رسالا شايع ٿيا. . . سنڌ جي ترقي پسند ليکڪن نوان معاشرتي مسئلا پيش ڪيا. سامراجي غلاميءَ جي مذمت ڪئي ۽ معاشي ۽ اخلاقي سڌاري جي ڳُهر ڪئي. محمد هاشم مخلص، شمس الدين بلبل ۽ ٻين سنڌ جي مٿئين طبقي تي چٽرون ڪيون.“[32] ادبي رسالن سنڌي افساني جي ترويج ۾ ئي اهم ڪردار ادا نه ڪيو پر ان سنڌي سماج جي حالتن کي گهڻ طرفو پيش ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌي سماج ۾ هلندڙ سياسي تحريڪون، سماجي لقاءَ، ثقافتي بدلاءَ سڀ جاٽايل مخزنن ۾ نظر ايندا رهيا.

همعصر دور جي ادبي رسالن ۾ لکيل افسانن مان پتو پوي ٿو تہ هن دور جا ڪهاڻيڪارَ مذهبي، سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن، روس انقلاب وسيلي جنم وٺندڙ تحريڪن جي اثرن، عالمي جنگ جي پيش نظر وڌيل خطرن، نفسا نفسي جي دور، ورهاڱي جي تحريڪ ۽ ون يونٽ جي مزاحمت واري هلچل سان نبرد آزما رهيا. تنهن ڪري سندن افسانن ۾ بہ اهڙا رنگ وڪريل ٿي ڏنا. اهي افسانا نگار نہ فقط پنهنجي لکڻين وسيلي انقلابي ڳالهيون ڪري پڙهندڙن ۾ ولولو پيدا ڪندا هئا، پر بذاتِ خود انهن تمام سرگرمين جا عملي ڪارڪن بہ رهيا. جيڪي حالتن کي باريڪ بينيءَ سان اصلاحي موڙ طرف وٺي ويا. هنن ان وقت جِي ادب ۽ سماج کي در پيش للڪارن کي قبوليو ۽ حوصلي سان انهن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. افساني جي انفراديت جي طور تي اديبن، فرد جي داخلي ۽ خارجي زندگيءَ کي، گهرُو ۽ سماجي چيلنجز کي، اقتصادي معاشي ۽ معاشرتي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي افساني ۾ بيان ڪيل سنڌ جي سماجي حالتن جي اپياس لاءِ ڪجھ افسانن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

## ڊونگ

هيءَ ڪهاڻي رشيد آخوند جي مجموعي ”سچڻ، سڪ ۽ سور“ (1975) ۾ شامل آهي، جيڪا هڪ بيوه ماءُ ۽ سندس پُٽ جمالي جي هن پٿر دل معاشري ۾ گذران ڪرڻ جهڙي الميي تي ٻڌل آهي. عام طور عورت لاءِ يتيم يا لاوارث بڻجي زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي هوندو آهي، پر اها ويتر مشڪل تڏهن ٿي ويندي آهي، جڏهن غربت بہ پاڳي پائيوار هجي. ڪو بہ عزيز سهارو بڻجڻ وارو نہ هجي، بيماري ۽ بيوسيءَ سان گڏ اولاد جهڙي نعمت بہ جهوليءَ ۾ موجود هجي. پاڙي وارن جي رحم ڪرم تي سندن تلخ رويا ۽ تز جملا سهندي سهندي، همدرديءَ جي حالت ۾ زندگيءَ جا آخري پساھ کڻندي هجي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ نفرتن جي ور چڙهيل زندگي ۽ موت جي حقيقتن کان اڻ واقف ٻار وٽس موجود هجي. سچو پاڙو بجاءِ ان حالت ۽ تڪليف تي غمزده ٿي، سندن پرگهور لهي، ابتو مٿن ناراض ٿو ٿئي تہ اجايو ڊونگ ۽ شور شرابو ڪري سندن آرام ڦٽايو پيو وڃي افساني جي هڪ منظر اندر اهڙيءَ ڪرت ۾ عورت ذات کي ٺي اڳيرو ڏيکاريو ويو آهي. ”نيٺ پاڙي وارن تنگ دريون بند ڪري ڇڏيون. بتيون بہ وسامي ويون ۽ رڳو جمالي جو روج راڙو گهٽيءَ جي ويرانيءَ ۾ رلندو رهيو. جمالي جي آواز ۾ خوف هو. هو سمجهي نہ ٿي سگهيو تہ هن جي ماءُ سندس ’امان! امان!‘ ڪري سڏڻ ۽ روئڻ جي باوجود بہ اٿي ڇو نہ ٿي؟ ۽ پوءِ هو بہ ٿڪجي پيو ۽ ننڊاکڙين اکين سان ماءُ کي ڏسي، هن جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي سمهي پيو.“[33] هيءَ غربت جي بدترين صورت ڏيکاريندڙ ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ لاچاري ڪنهن زخم وانگر چڪندي رهي ٿي. اهڙا موضوع اهڙا ڪردار ۽ اهڙا الميا اسان جي چوڌاري ڪثرت ۾ موجود آهن، پر هڪ

افسانا نگار جي اک ئي اهڙن واقعن کي گهرائيءَ سان ڏسي سگهي ٿي ۽ سندس قلم ئي انهن ڏکاريل ڪردارن کي هيرو بڻائڻ جي سگهه رکي ٿو.

## ڪاري

هيءَ گورڌن محبوباڻي جي لکيل منفرد ڪهاڻي آهي، جيڪا سندرتا ۽ مرڪ جي موضوع سان ٺمٺار، هڪ حسين پناڻيءَ جي ڪردار تي مشتمل آهي، جنهن کي مڙس ٿورو ئي وقت اڳ پئسن تي خريد ڪري آيو آهي. هوءَ ايتري ته خوبصورت آهي، جو هن جي سونهن ڳوٺ ۾ رهندڙ هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو اسير بنائي وڌو آهي. پروچاڻيءَ کي ڏسي، هرڪو پيو سندس مڙس جي قسمت تي رشڪ ڪري ته هن پنهنجي ستن سالن جي ڪمائي، سجائي ڪري ڇڏي. ”پناڻي شايد جادوگرڻ هئي، جو ماڻهن کي هڪ ئي مرڪ سان موهي کين پنهنجي وَس ڪري ڇڏيندي هئي. هوءَ هميشه مرڪندي هئي.“[34] جيتوڻيڪ سندس مرڪ قدرتي ۽ فطري هئي، پر ان مرڪ سندس سونهن کي پيٽو ڪري ڇڏيو هيو ۽ ان جي هاڪ تي پناڻي ويتر تڙي پوندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو ته کيس ڏسڻ ۾ ئي خوش هئا، پر جڏهن وڏيري جو وس نه هليو ته پناڻي جي زندگيءَ جي انت جو ڪڏو فيصلو ڪرڻ ۾ به نه ڪيٻايائين. ”دانهن ڪري پناڻي پٽ تي ڪري پيئي، هن جي ڪنڌ وٽان خون جو ڦهارو وهي ڇتو ۽ زخمي ڪبوتر وانگر هوءَ ڦٿڪي ڦٿڪي اتي ئي پئجي رهي.“[35] پناڻي جيڪا جيئري پنهنجي عزت، غيرت ۽ لڄ ڪارڻ پنهنجي مرڪ وڃائي ڇڏي ٿي، سا پنهنجي حسين هجڻ جي جرم ۾ ڪاري ڪري ماري وڃي ٿي. هي موضوع اهڙو آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيل ملن ٿيون، پر هيءَ سماجي مسئلي تي ليکڪ، پنهنجي نوعيت جي منفرد ۽ ڇرڪائيندڙ ڪهاڻي آهي.

## وحشي انسان

ناصر حيدر جي لکيل هن ڪهاڻيءَ کي ڏسو:

”وحشي يارو جي گهر ۾ داخل ٿيو ته ماڻهن جا ساهه سڪي ويا- رائيفل هن جي هٿ ۾ هئي.

وحشي يارو کي اوطاق ڏانهن وٺي آيو پر هن ان سان ڪا زيادتي نه ڪئي، پر عزت سان هن کي اوطاق ڏي وٺي آيو هو. ماڻهن جي واتن ۾ آڱريون هيون. اهو وحشي جي فطرت جي خلاف هو. هو جنهن کي به ماريندو هو تڙپائي ماريندو هو.

”واهه واهه......... “ وڏيري خوشامد ڪندي چيو. ”هي تنهنجو مجرم......... “

هن يارو کي وڏيري جي پير ۾ ويهاريندي چيو.

سڀ انسان پنهنجي ساهن کي مُٺ ڏئي بيٺا هئا. .

”رئيس مان ڏرتي اهڙن ماڻهن سان ڏوئي چڏيندس جي هن ڏرتي تي وچون بڻجي ڏنگي رهيا آهن. . . “

هن يارو کي اٽي بيهڻ جو اشارو ڪيو. وحشي به اٿي بيٺو.

”مان اهڙن جو وجود ختم ڪري ڇڏيندس جي انسان ذات جا دشمن آهن. “

سڀ سناٽي ۾ اچي ويا. وحشيءَ رائيفل جو هوا ۾ فائر ڪيو. سڀ ڏڪي ويا. هن تيزي سان ٻيو فائر ڪيو. گولي وڏيري جو سينو چيري ٽپي ويئي.

سڀ خوف کان ڀڄي ويا.

”هي اسان جي ڌرتيءَ تي نانگ آهن. . . “

وحشي گهوڙي تي چڙهي پنهنجي منزل ڏانهن موٽي ويو. سڀني انسانن آسمان ڏانهن نهاريو.

وڏيري جو لاش اوطاق ۾ پيو هو.“[36] وحشي انسان هيٺئين طبقي کي چيڀاڙي کائيندڙ وڏيرن جي ڪهاڻي آهي، جيڪي نسل در نسل سندن ماتحتن تي ظلم ڪندا اچن ٿا.

## افسانيءَ ۾ بيان ڪيل طبقاتي ڪشمڪش

انساني سماج تي هر وقت مختلف حالتون وارد ٿينديون رهن ٿيون ۽ ان ۾ رهندڙ فردَ مسلسل، جدا جدا ڪيفيتن مان گذرندا رهن ٿا. جيڪي حالتون ظاهري طور تہ ڪنهن هڪ شخص يا خاندان ۽ ان سان جڙيل رشتن ۽ ناتن سان ڳنڍيل هونديون آهن، پر مجموعي طور انهن جو اثر ان طبقي سان لاڳاپيل تمام فردن ۽ گروهن تي ٿئي ٿو. اهي حالتون ئي طبقاتي ڇڪتاڻ جو وڏو ڪارڻ بڻجي سامهون آيون”دنيا ۾ مظلوم ۽ پيڙيل طبقن ۽ حاڪم ۽ ورسايل طبقن وچ ۾ مفادن خاطر ڪشمڪش رهندي آهي. ان ڪشمڪش کي طبقاتي ڪشمڪش چيو ويندو آهي. طبقاتي ڪشمڪش جو وڏو سبب غير هموار ۽ عدم مساوات وارو معاشي نظام هوندو آهي.“[37] طبقاتي ڪشمڪش هڪ طرف سماج جي پيچ ڊاهہ کي فروغ ونايو تہ ٻئي طرف اديبن ۽ لکارين ان جي مخالفت ڪندي، حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو جنهن مقصد لاءِ هنن پنهنجي تحريرن وسيلي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”دولت ۽ مال جي گهٽائيءَ ۾، جڏهن طبقاتي ڪشمڪش آئي، تڏهن ماڻهن ۾ بہ نمايان طبقا پيدا ٿيا. هڪڙا ڏاڍا ٿيا هيڻا. هڪڙا سچا ۽ ٻکيا تہ ٻيا ساوا ۽ ستابا. هڪڙن لاءِ ماڙيون تہ ٻين لاءِ جهوپڙيون! هڪڙا فرحت ۾ تہ ٻيا فاقن ۾، هڪڙا انگ اگهاڙا تہ ٻيا ڍاوا ۽ پهريل. بهرحال اتي اچي انسان جي تجسس ۽ تلاش م چو ۽ ڇا جي ڇڪتاڻ پيدا ٿي. ”هي سڀ ڪجهہ ڇو ٿي رهيو آهي؟ _ هيئن ڇو ٿيڻ گهرجي؟ ان تنقيدي نگاهہ ماڙين کان هلي جهوپڙين تي اچي

دنگ ٿي ڪيو: سارو منظر انسان جي اڳيان کُلي آيو!“[38] عالمي دنيا وانگر سنڌي سماج جو بنيادي سماجي مسئلو بہ طبقاتي فرق رهيو آهي. طبقاتي فرق دراصل مظلوم ۽ پورهيت ماڻهن کي پيڙڻ جو مکيه سبب بڻيو آهي. سرمائيدار ۽ جاگيرداري نظام سنڌ جي ماڻهن تي ايتري قدر تہ اثرانداز ٿيو آهي، جو هو اڄ تائين ان جي ڪڙين مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيا آهن. پنهنجي ذاتي وسيلن هوندي بہ هُو ڪنهن ٻئي جي وس تي رهيا. جتي پيٽ پري ماني کائڻ کان وٺي سندن زندگين جي هر معاملي ۾ مداخلت ٿي ڪئي وئي. جڏهن ۽ جتي بہ ساڻن همدردي، رحمدلي، خلوص ۽ ڏکن ۾ ڀاڱي ڀائيواري جي ڳالهہ ٿي هلي تہ هُو هڪ ٻئي کان ڪيترو ئي پري ٿي ٿي بيٺا. هڪڙي طرف سنڌ جي اڪثر ٻهراڙين جا ماڻهو هاڃن جي ور چڙهيل هئا تہ ٻئي پاسي شهرن جو لقاءُ بہ ڪجهہ خاص نہ ٿي ڏٺو. هتي بہ اپر، مڊل ۽ لوئر ڪلاسن جي جنگ ۾ انسان نفرت ۽ جبر جي چڪيءَ ۾ پيسبو ٿي رهيو. مفلس کي الڳ الڳ طريقن سان ايذاءُ رسايو ٿي ويو. طاقتور قوتون پاڻ کي وڏيڪ سگهارو ثابت ڪندي، هيڻي ۽ ڪمزور سان ناروا سلوڪ رکنديون ٿي آيون. جڏهن بہ اهڙي روش ۽ نظام خلاف ڪنهن بغاوت ٿي ڪئي تہ معاشرتي سرشتي مٿان قابض گروهہ عام ماڻهن جون زندگيون حرام ڪرڻ ٿي لڳا. ان روش کي پڌرو ڪندي ڪهاڻيڪارن ئي مزاحمت، ۽ سماجي بدلاءَ لاءِ آرٽ کي هٿيار يا ميڊيم طور ڪم آندو. جنهن جو مقصد سماجي سڌارو هيو جيئن اڻ برابري ۽ ننڍ وڏائي جي رائج نظام جو انت آڻي سگهجي. ”ماضيءَ جي پيٽ ۾، اڄوڪو زمانو سراسر بدليل آهي. هي انساني تهذيب جي ترقيءَ جو دور آهي. هر قسم جو علم ۽ فن، هنر ۽ حرفت، ڪمال تي پهتل آهي. تنهن هوندي بہ بنيادي طرح، انسان جون ذاتي ڪمزوريون اڃان بنهہ ختم نہ ٿي سگهيون آهن. اقتدار جي هوس، طاقتور قومن کي اهو حق ڏئي ڇڏيو آهي تہ هو ڪمزور قومن کي پنهنجي ظلم جو شڪار بڻائينديون رهن. نيڪيءَ سان بديءَ جي جنگ ساڳيءَ ريت جاري آهي. سرمائيداري اڄ بہ مزدور جي بازن جي پورهئي کي هڙپ ڪرڻ پنهنجي لاءِ حلال سمجهي ٿي. غريب ۽ امير جي طبقاتي جنگ اڃا جاري آهي. سماجي توڙي انفرادي طرح هر دائري ۾ نيڪي ٿوري ۽ بدي گهڻي نظر اچي ٿي. زندگيءَ جا اهي قديمي تضاد هر دور ۽ هر ادب جو اهم موضوع رهيا آهن، بلڪه انهن تضادن کي گهٽائڻ ۽ مٽائڻ هر دور جي ادب جو مکيه مقصد رهيو آهي. ٻين صنفن جي ڪارج ۽ اهميت کي مڃيندي، ڪنهن حد تائين، ايئن چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ هن دور ۾ مختصر افسانو سماجي تعمير ۽ اصلاح جو سڀ کان ڪارگر ۽ زود اثر ذريعو ثابت ٿيو آهي.“[39] ان ٻٽي نظام کي وائڪو ڪرڻ لاءِ افسانا نگارن تحرڪ کان ڪم وٺندي بغاوت جو رستو اختيار ڪيو.

### لاٽ

جمال ابڙي جي هيءَ ڪهاڻي هيٺئين طبقي سان وابسته ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، جن ۾ ڪلينر، ڪنڊيڪٽر، هاري، مزدور ۽ ڪڙمين وغيره جهڙا ڪردار شامل آهن. اهي ماڻهو پنهنجي سڄي زندگي ارپڻ باوجود پنهنجي لاءِ علاج جيتري موڙي به حاصل نه ٿا ڪري سگهن ۽ بالآخر ٿڪجي، هارائي، بغاوت تي لهي ٿا اچن. ته قانون ڪين ڏوهه ثواب ياد ٿو ڏياري ۽ اهي بي پهچ ڪردار بنديخانن حوالي ٿيو وڃن. اهڙيءَ ڪشمڪش دوران ئي سندن موت به واقع ٿئي ٿو۔ پر دنيا جو ڪاروهنوار هلندو ٿو رهي، ڄڻ وڻ تان ڪو پتو ڪريو. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار جو خوبصورت مڪالمو"جاڻي دوس" زندگيءَ جي فريب ۽ موت جي حقيقتن کان آشنا ڪرائي ٿو ۽ طبقاتي بنياد تي ورهايل انسان کي معاشري ۾ گهربل مقام نه ملڻ تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري.

### جليبيءَ جو چور

هي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي سماجي افسانن مان هڪ آهي جيڪو پينو فقيرن سان پيش ايندڙ وارتائن تي ٻڌل آهي هن افساني ۾ انهن ڪردارن لاءِ منفي توڙي مثبت رويا ڏسجن ٿا. ڪراچي جهڙو وڏو شهر جتي ماڻهن ۽ روشنين جو سمنڊ آهي اتي ئي هتي بي حساب پينو فقير به وسن ٿا جن کان پني ڇڏائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي. اتي جليبي جي چوري يا ڪا ڏ خوراڪ توڙي ٻين شين جي چوري معمول جا واقعا آهن پر ان کي ڪيرت ٻاٻاڻي هڪ چرڪائيندڙ نوع ۾ پيش ڪيو آهي. هڪ طرف اهو ڏاتار آهي جيڪو پنهنجي پگهار جي سڄي حساب ڪتاب کان پوءِ به هڪ آنڪ جليبي چور کي ڏئي نه ٿي سگهيو سندس جي به مالي حالت اها اجازت نه ٿي ڏني ٻئي پاسي هو ان مڱتي جي گرفتاري تي احتجاج ڪرڻ به ضروري ٿو ڀانئي ــ "غريب آهي، هن جو قصور ڪهڙو؟" "غريب آهي ته چوري ڪندو؟ ڪمائي ڪائي،" ميڙ مان ڪنهن جواب ڏنو .

مون پوليس واري کي مخاطب ٿي چيو "ڇڏي ڏيوس."

"ڏوهي آهي عدالت جي حوالي ڪيو ويندو"، پوليس واري خنڪيءَ مان جواب ڏنو .

"بکئي پيٽ کي پرڻ به ڪو ڏوهه آهي ؟" مون حيرانيءَ سان سوال ڪيو .

" قانون جي نظر ۾ اهو ڏوهه نه آهي ته ڇا آهي؟" هن نفرت ڀري نوع ۾ چيو .

"جيڪي ماڻهو رات ڏينهن ٻين جي محنت جو ڏاڙو هڻي، ڪين ڪنگال ڪري چوريءَ لاءِ مجبور ٿا ڪن، تنکي قانون ڪهڙي ٿو سزا ڏئي؟ مون بي اختيار چئي ڏنو .

"قانون جي نظر ۾ اهو ڏوهه نه آهي. مسٽر!" هن چيو .

"قانون ۽ عدالتون، جيل ۽ پوليس، وڪيل ۽ ڪورٽ تڏهين ڪهڙي مرض جو علاج آهن؟" مون بحث جي نموني ۾ چيو .

"مسٽر توهين الائي ڪهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو؟ انصاف ته ٿيڻ گهرجي !"[10] هڪ طرف جليبي جي چوري هڪ اخلاقي ڏوهه ٻڌيل آهي جيڪا اجان عمل ۾ به نه اچي سگهي هئي ته ٻئي طرف سماج جا ٺيڪيدار ٻارهن سالن جي هڪ ٻکئي، انگ اگهاڙي، بيمار ٻار کي سزا ڏيڻ لاءِ

بضد آهن تہ هڪ ڪي رعايت ڏيڻ سان اهڙا بيا ڪيترائي چور پيدا ٿيندا. ٻئي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي بجا آهن پر اها بہ سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ معاشري مان بک, بدحالي ڪير ختم ڪندو جو نوبت پنڊ تائين نہ پهچي.

## ڇُهڙي

بشير موريانيءَ جو هيءُ افسانو ٻن ٻارڙن جي سماجي حيثيت ۽ وڏڙن جي ڏانهن سلوڪ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. افسانو محسوس ۽ غير محسوس طريقي سان ٻن طبقن جي اڻ برابري, اونچ نيچ ۽ ڪردارن جي هڪ ٻئي سان روش کي نروار ڪري ٿو. افساني ۾ واقعي کي بيان ڪندڙ ڪردار لکي ٿو تہ! "اتفاق سان, ان وقت ئي, امان مون کان منجهند جي مانيءَ جو پڇڻ آئي. ڇيميءَ کي منهنجي ڪمري ۾ بيٺل ڏسي, اچي مٿي: ڇي: "اهڙو ڳڏو ڪيئن ٿيو آهين؟ ڇهڙيءَ کي ڪٽي مٿي تي چاڙهيو اٿيئي! ائين ڪو ڪندو هوندو؟ ٻاٽئين کي بہ ايترو نہ ٿو گهرين جيترو هِن ڇنال کي!"[41] ڇيمي وٽندڙ نقش و نگار, ٻاتن ٻولن, اٽپوري خواهشن, سادگي ۽ معصوميت جو پنڊار آهي جنهن جي عمر آنڪي ۽ گهنگهروئن ۾ الجهيل آهي. پر آهي تہ پنگياڻي, انڪري ڪيس اهي جذبا يا محبتون نہ ٿيون اربيون وڃن جيڪي ڪنهن بہ ٻارَ جو فطري حق آهن. "هيڏانهن منهنجي ذهن ۾ ڪي بيا ويچار اُٿلي رهيا هئا. آءُ سماج جي اوڻاين تي غور ڪري رهيو هئس. انسان انسانَ کي ڏڪاري ٿو! انساني فطري پيار ۾ بہ ذات پات, اونچ نيچ جو دخل ٿي سگهي ٿو!"[42] اهڙي ئي ڏڪار افساني ۾ ڪردار ڇيمي لاءِ سندس پورهئي جي ڪارڻ محسوس ٿيندي, افساني جي آخري منظر م ڇيمي, طارق کي بچائيندي زخمي ٿي پوي ٿي ۽ ڪير بہ ڏانهنس ڏيان ڏرڻ ضروري نہ ٿو ڀانئي ايئن پيو محسوس ٿئي فقط طارق کي ڏڪ لڳا آهن اهو ئي زخمي ٻار آهي جڏهن تہ ڇيمي جي حالت وڌيڪ ڳڻتي جوڳي آهي پر تنهن هوندي بہ سندس ڇهڙي هجڻ ڪنهن کان بہ نہ ٿو وسري.

## گورکن

'ڪربلا' مجموعي ۾ شامل افسانو 'گورڪن', نورالهديٰ شاهہ جي منفرد ڪهاڻين مان هڪ آهي سندس چند ڪهاڻيون آهن جن حويلين جي مظبوط ۽ مربوط ديوارن مان نڪري سماجي زندگيءَ ڏانهن رخ رکيو تن مان هڪ گورڪن بہ آهي جنهن پيٽ پرستيءَ مان نڪري سڌو قبرستان ڏانهن منهن ڪيو آهي. نورالهديٰ هن افساني ۾ هڪ اهڙو ڪردار آندو آهي جنهن جو رول جيترو اهم آهي اوترو ئي پاسيرو بہ آهي. هو گورڪن آهي سندس گهر ۾ ڪاڏو تڏهن ڪاڄندو آهي جڏهن ڪو ماڻهو اجل جو شڪار بڻبو آهي. "ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ ۾ زندگيءَ کان ڇڄي ويل انسانن کي دفنائي, پيٽ پوجا ڪرڻ هن جو اباڻو ڪم هو."[43] گورڪن هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي جيڪو پشتي قبر تيار ڪرڻ ۽ ماڻهو دفنائڻ جو ڪم ڪري ٿو سندس ۽ ٻچن جو جياپو ان ڪرت تي ئي آهي پر ڪهاڻي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ خدا جي ڪرڻي اهڙي بہ ٿي جو تي ڏينهن کان شهر ۾ ڪو ماڻهو ئي نہ مئو ۽ گورڪن کي ڪا ڏهاڙي نہ لڳي. اهڙي مسلسل بک کان تنگ اچي سندس ذهن منتشر ٿيڻ لڳو. هيءُ افسانو بہ سماج جي پسمانده طبقن جي نمائندگي ٿو

ڪري، طبقاتي ڇڪتاڻ ۽ سماجي مسئلن توڙي حالتن جا ڪيترا ئي مثال اسان کي جمال ابڙي، نسيم کرل، غلام رباني آگري، سوڀي گيانچندااڻي، رسول بخش پليجي، حفيظ شيخ، امر جليل، رشيد ڀٽي، نجم عباسي، سراج الحق، عبدالقادر جوڻيجي ۽ ٻين جي افسانن ۾ ملن ٿا.

## نتيجو

- افسانوي ادب، خيالي مرڪز تي ٻڌل / ايجاد ڪيل اهڙو ادب آهي جنهن جي وسيلي حقيقي زندگي جي رهنمائي ممڪن بڻجي سگهي.
- افساني جي اوائلي صورتن کي فڪشن چئجي ٿو پر وقت گذرڻ ۽ هن صنف جي ترقي کان پوءِ گهڻي قدر افسانو تخيل جي دنيا مان ٻاهر نڪري حقيقت نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاري سان همر قدم ٿيڻ لڳو.
- عام ماڻهوءَ کي گهڻي قدر اتساهه ۽ اميد افسانوي ادب مان ئي ملي آهي تنهن ڪري هن افساني کي پنهنجي احساسن جي اظهار لاءِ موزون ذريعو سمجهيو آهي.
- ڪهاڻي، آکاڻيءَ جو جديد فارم آهي ۽ افسانو وري ڪهاڻيءَ جو. افسانو سچ پچ ته آدرشي ۽ مثالي ڪردارن سان اپريو جنهن آکاڻي يا ڪهاڻيءَ جي روايت پٺي کي نئين صورت بخشي.
- سنڌي افسانو سنڌي سماجي زندگيءَ جي چٽي تصوير بڻجي اپريو جنهن ڀرپور طرح سنڌي ماحول جي عڪاسي ڪئي ۽ سنڌي سماج جي حقيقتن کي ويجهڙائيءَ کان ڇهندڙ صنف طور سامهون آيو.
- سنڌي افساني جي شروعات کي 1914ع کان تسليم ڪيو ويو آهي. حر مکيءَ جا کي ڀهريون سنڌي افسانو ڪوٺيو ويو. ڀنگتي مسئلن جي اپٽار ۽ انهن کي بدليل روش سان حل ڪرڻ واري ترقي پسند ڏارا سنڌي افساني کي نئون موڙ عطا ڪيو. هيءَ افسانو ثابت ڪري ٿو ته ڀهريون پٽر ئي انقلابي نوعيت جو هو.
- شروعاتي سنڌي افسانا به پنهنجي دور جي ڪک مان پيدا ٿيل آهن. تنهن ڪري انهن ۾ سماج جي مختلف رخن ۽ پرتن جي گهرائيءَ سان عڪاسي ملي ٿي. اهي افسانا فرد کان اجتماع تائين، مسئلن جي چوگرد ٻڌل ۽ آڏاريل آهن.

## حوالا


1. جليل، امر: لهندڙ سج جي لام، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، سنڌ. 2010ع
2. گرامي، غلام محمد: تاريخي افسانا ۽ ڊراما (مرتب)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ. 2015ع
3. عرساڻي، شمس الدين: چار مقالا، رونق پبليڪيشن، اتمچنداڻي محلو حيدرآباد. 1967ع
4. https://homework. study. com (accessed on 22 august 2023)
5. انصاري، اشتياق: انيس انصاري فن ۽ شخصيت، ڪويتا پبليڪيشن. 2008ع

6. عرساڻي، شمس الدين: آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو. 1982ع
7. آگرو، غلام رباني سنڌ تاريخ جي پسمنظر ۾ (مقالو) : مهراڻ، جلد 47، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 1999ع
8. https://en. Wikipedia. org/History of Sindh, 15 April 2025 (16 August 2023)
9. ميمڻ، عبدالغفور: (ڇاپو پهريون)، سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ. 2017ع
10. الانا، غلام علي: چونڊ سنڌي افسانا (ترتيب)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ. 1974ع
11. سنڌيانا، اِنسائيڪلوپيڊيا (جلد ڏهون): راڄڙ سرفراز، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. 2016ع
12. ميمڻ، رانجهڻ خان: سنڌي افسانو (آزاديءَ کان اڳ)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ. 1966ع
13. الانا، غلام علي: سنڌي نثر جي تاريخ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، سنڌ. 1977ع
14. Siraj, Introduction, Saleem noor hussain: Glimpses of Sindhi Short Fiction, sojhro 2005 publication.
15. ڪلپنا، موهن، سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي : افسانوي ۽ فڪري ادب، (مرتب) جامي چانڊيو سنڌيڪا پبليڪيشن. 2007ع
16. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، ويهين صدي ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ / افساني جو سماجي ڪارج، انصاري، اسحاق : سنڌي ڪهاڻي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. 2012ع
17. ملڪاڻي، منگهارام : سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد. 1993ع
18. جڳتياڻي، لالچند امر ڏنو مل: سو سالن جون چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (جلد پهريون)، شوڪت حسين شورو (مرتب)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، سنڌ. 2017ع
19. عرساڻي، شمس الدين : سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد. 2009ع
20. گلراجاڻي، پرسرام، جيتمل: چمڙا پوش جون آکاڻيون، پارتواسي پريس. 1923ع
21. عرساڻي، شمس الدين : سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، اوسر اشاعتاڻو حيدرآباد. 2009ع
22. ملڪاڻي، منگهارام : سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد. 1993ع
23. پنجابي، گوبند: سرد آهون، نئين دنيا ڪتاب گهر، شڪارپور. 1942ع
24. ساڳيو
25. ساڳيو
26. پارتي، نارائڻ: زندگيءَ جو باب، سهڻي ڪتاب گهر، بمبئي پرنٽنگ پريس، الهاس نگر. 1951ع
27. ملڪاڻي، منگهارام : سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد. 1993ع

28. ملاح، مختيار احمد: ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. 2015ع
29. جتوئي، ادريس: ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي اهميت ۽ سنڌي ڪهاڻي، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد. 2005ع
30. گرامي، غلام محمد: تاريخي افسانا ۽ ڊراما (مرتب)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2015ع
31. جتوئي، ادريس: ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي اهميت ۽ سنڌي ڪهاڻي، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد. 2005ع
32. جويو تاج (ترقي پسند تحريڪ جو پسمنظر)، چانڊيو جامي، افسانوي ۽ فڪري ادب (مرتب): سنڌيڪا اڪيڊمي. 2007ع
33. آخوند رشيد: سچ ۽ سڪ ۽ سور (ڪهاڻيون)، رابيل پبليڪيشن. 1975ع
34. محبوباڻي، گورڌن، ڪاري (افسانو): سنڌي حميد، مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2005ع
35. ساڳيو
36. حيدر، ناصر: وحشي انسان، رابيل پبلشنگ ايجنسي، لاڙڪاڻو سنڌ. 1978ع
37. ملاح، مختيار احمد: ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. 2015ع
38. گرامي، غلام محمد: تاريخي افسانا ۽ ڊراما (مرتب)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ. 2015ع
39. ميمڻ، رانجهڻ خان: سنڌي افسانو (آزاديءَ کان اڳ)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ. 1966ع
40. ٻاٻاڻي، ڪيرت: هوءَ، سنڌ بڪ ڪمپني، بمبئي. 1956ع
41. مورياڻي، بشير: اڌوري اڌام، سهڻي پرنٽر، حيدرآباد. 1984ع
42. ساڳيو
43. شاهه، نورالهدي: ڪيڏارو روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. 2006ع